روزاني سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ABC Certified
Reg No 2677
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد : 11 | آچر 24 سيپٽمبر 2023ع بمطابق 07 ربيع الاول 1445ھ | شمارو: 336 | قيمت 10 رپيا

حيدرآباد_سکر موٽروي جو ڪم شروع ڪريو: نگران وڏو وزير

مون کي خبر آهي ته ايم_6 جي اڏاوت کي ان وقت روڪيو ويو هو جڏهن زمين تي قبضي جو اسڪينڊل سامهون آيو هو: جسٽس (ر) مقبول باقر

هائي ڪمشنر جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي آهي جيڪا ڊجيٽل سروي ذريعي زمين حاصل ڪرڻ جي عمل کي مڪمل ڪندي

ايم_9 جي زمين حاصل ڪرڻ وارو عمل فنڊن جي غبن سبب عارضي طور تي روڪيو ويو آهي: وڏي وزير کي بريفنگ

ڪمشنر حيدرآباد جي ماتحت هڪ ڪميٽي ڊجيٽل ڪوآرڊينيٽس سان گڏيل سروي/تازو حد بندي مڪمل ڪئي آهي

چيف سيڪريٽري وفاقي حڪومت سان ڳالهائي ۽ ايم_6 تي معطل ٿيل ڪم کي ٻيهر شروع ڪري: نگران وڏو وزير

بجلي چوري خلاف مهم کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي ۽ ذخيرو ڪرڻ ۽ منافع خورن خلاف پرائس ڪنٽرول آپريشن ڪيو وڃي

ڄامشورو/سيوهڻ (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس مقبول باقر وفاقي حڪومت تي زور ڏنو آهي ته حيدرآباد_سکر موٽر وي (ايم_6) تي ڪم شروع ڪيو وڃي گهٽ ۾ گهٽ انهن ڪنسٽرڪشن تي جتي زمين حاصل ڪرڻ جو مسئلو حل ٿي چڪو آهي. مون کي خبر آهي ته ايم_6 جي اڏاوت کي ان وقت روڪيو ويو هو جڏهن زمين تي قبضي جو اسڪينڊل سامهون آيو هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نيويارڪ: نگران وزيراعظم انوار الحق پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪنهن کي به سياست کان ناهي روڪيو پر 9 مئي واقعن ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائي ٿيندي: نگران وزيراعظم

ڪوشش آهي ته چونڊن تائين ملڪ ۾ ڪجهه نجڪاري ٿئي، پرڏيهي سيڙپڪاري اچي چڪي آهي ته جيئن نئين حڪومت کي پنهنجو منشور اڳتي وڌائڻ ۾ سولائي ٿئي

ڪنڊ ۽ ڪٽڪ مافيا خلاف ڪارروائي ڪري قيمتن ۾ هٿرادو واڌ تي ضابطو آڻي ورتو آهي، ڊالر جو اگهه به گهٽجڻ لڳو آهي

چونڊن جي تاريخ جو جلد اعلان ڪيو ويندو، ڪنهن به سياسي جماعت کي سياست کان ناهي روڪيو، پر 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون پٽاندڙ ڪارروائي ٿيندي

جنرل اسيمبلي ۾ پاڪستان جو موقف ڀرپور نموني پيش ڪيو آهي، ڪشمير، موسمي تبديلين ۽ فلسطين جي حوالي سان پنهنجو موقف پيش ڪيو

پاڪستان هن ڏاهڪن کان ڀارتي دهشتگردي جو نشانو بڻجي رهيو آهي، ڪئناڊا ۾ سک اڳواڻ جي قتل بعد ڀارت تي سنجيده نوعيت جا سوال اٿاريا پيا وڃن: نيويارڪ ۾ پريس ڪانفرنس

نيويارڪ (م ڊ) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي ته ڪنهن به سياسي جماعت کي سياسي عمل کان نه پيو روڪيو وڃي پر 9 مئي وارن واقعن ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون مطابق ڪارروائي ٿيندي. نيويارڪ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته ڪوشش آهي ته چونڊن تائين ملڪ ۾ ڪجهه نجڪاري ٿئي، پرڏيهي سيڙپڪاري اچي چڪي آهي ته جيئن نئين حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

نوازشريف حڪومتي اجازت سان ٻاهر ويو، واپسي تي قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي: مرتضيٰ سولنگي

آزاد صحافت تي يقين رکون ٿا. صحافين سان زيادتي تي خاموش نه رهنداسين

ملڪ ۾ چونڊون هجن يا نه هجن. پر ڪراچي پريس ڪلب ۾ چونڊون هميشه ٿينديون آهن

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات بابت نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته نوازشريف جيل جون پيتون پيچي نه پر عدالت ۽ حڪومت جي اجازت سان ٻاهر ويو هو. واپس ايندو ته ان سان آئين ۽ قانون موجب سلوڪ ڪيو ويندو. مرتضيٰ سولنگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڄامشورو: سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر اجلاس دوران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

منظور وسان عام چونڊون 28 جنوري 2024 تي ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

عام چونڊن ۾ پ پ ۽ (ن) ليگ ۾ سخت مقابلو ٿيندو سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جي خلاف سمورين پارٽين جو اتحاد بڻجندو: منظور وسان

گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جو سنڌ مان صفايو ٿي چڪو آهي، هن ڀيري پ پ سنڌ ۾ ڪلين سوئيپ ڪندي

بين صوبن مان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي وڌيڪ سيٽون ڪندي، احتساب صرف مخصوص ماڻهن جو نه پر سڀني جو ٿيڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ منظور وسان عام چونڊون 28 جنوري 2024 تي ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. انهن جو چوڻ آهي ته عام چونڊن ۾ پ پ ۽ (ن) ليگ ۾ سخت مقابلو ٿيندو سنڌ ۾ پيپلز پارٽي خلاف سمورين پارٽين جو اتحاد بڻجندو. هن چيو ته گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جو سنڌ مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اڳوڻي چيف جسٽس ۽ جسٽس اعجاز الاحسن خلاف مس ڪنڊڪٽ جون شڪايتون بي بنياد قرار

سپريم جڊيشل ڪائونسل اڳوڻي چيف جسٽس عمر عطا بنديال ۽ جسٽس اعجاز الاحسن خلاف شڪايت جو فيصلو ڪري ڇڏيو

جسٽس سردار طارق مسعود ٻن ججن خلاف مس ڪنڊڪٽ جي شڪايتن کي بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) نئين چيف جسٽس جي ايندي ئي سپريم جڊيشل ڪائونسل متحرڪ ٿي وئي ۽ اڳوڻي چيف جسٽس عمر عطا بنديال ۽ جسٽس اعجاز الاحسن خلاف مس ڪنڊڪٽ جي شڪايت بي بنياد قرار ڏني وئي آهي. سپريم جڊيشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: اطلاعات بابت نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پي ٽي آءِ اڳواڻ اعجاز چودري ۽ محمود الرشيد جوڊيشل ريمانڊ تي جيل روانا

دهشتگردي جي انت واري عدالت جي ايڊمن جج عبهر گل مادل ٽائون ۾ سياسي پارٽي جي آفيس کي ساڙڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر محمود الرشيد ۽ اعجاز چودري جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي جنهن کي عدالت رد ڪري ڇڏيو

عدالت پي ٽي آءِ جي ٻنهي اڳواڻن کي 14 ڏينهن جي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماڻي ڇڏيو

لاهور (م ڊ) دهشتگردي جي انت واري عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ اعجاز چودري ۽ محمود الرشيد کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماڻي ڇڏيو آهي. دهشتگردي جي انت واري عدالت جي ايڊمن جج عبهر گل مادل ٽائون ۾ سياسي پارٽي جي آفيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

رضوانہ تشدد ڪيس: جوابدار سول جج عاصم حفيظ 2 مهينا گذرڻ باوجود جاچ ۾ شامل نه ٿيو

اسلام آباد پوليس طرفان عاصم حفيظ کي ڪيترائي ڀيرا طلب ڪيو ويو: پوليس ذريعا

معاملو خط ڪتابت ۽ حدن ۾ الجهي ويو ڪيس جو چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو ويو آهي

رضوانہ تشدد ڪيس جو جوابدار سول جج عاصم حفيظ جيڪو ڪيس ۾ پيش نه پيو ٿئي

اسلام آباد (م ڊ) رضوانہ تشدد ڪيس جو جوابدار سول جج عاصم حفيظ 2 مهينا گذرڻ جي باوجود به جاچ ۾ شامل نه ٿيو آهي. پوليس ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آمريڪي سينيٽر ۽ سندس گهر واري تي رشوت وٺڻ جي الزام هيٺ فرد جرم لاڳو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي سينيٽر باب مينن ڊيز ۽ سندس گهر واري تي رشوت وٺڻ جي الزام هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

بيوروڪريسي ۾ وڏي اٿل پٿل، 120 مختيارڪارن جون بدليون

اليڪشن ڪميشن جي منظوري بعد مختيارڪارن جي مقررين ۽ بدلين جو نوٽيفڪيشن جاري

پوسٽنگ جي انتظار ۾ ويٺل 75 مختيارڪارن کي به مختلف تعلقن ۾ مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي بيوروڪريسي ۾ وڏي اٿل پٿل جاري آهي. روينيو کاتي جي 120 مختيارڪارن جون بدليون ۽ مقرريون ڪيون ويون آهن. سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو ۽ اليڪشن ڪميشن جي منظوري بعد مختيارڪارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ٽي آءِ اڳواڻ اعجاز چودري ۽ محمود الرشيد

اينڊڙ مهيني پيٽرول 12 رپيه سستو ٿيڻ جو امڪان

روپئي جي قيمت ۾ اضافي سبب پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاٿ جو امڪان

پهرين آڪٽوبر کان اينڊڙ 15 ڏينهن جي لاءِ پيٽرول جي في ليٽر قيمت گهٽتائي ٿيندي

اسلام آباد (م ڊ) پيٽرول جي قيمتن ۾ اينڊڙ مهيني 12 رپيه لاٿ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ناڻي واري وزارت جي اختيارين موجب روپئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نيب ٻن ڏينهن دوران 44 ريفرنسز جو رڪارڊ احتساب عدالتن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو

نيب جي هفتيوار موڪل هجڻ سبب وڌيڪ ريفرنسز جو رڪارڊ احتساب عدالتن ۾ جمع نه ٿي سگهيو

رهيل ريفرنسز جو رڪارڊ سومر تي جانچ پڙتال کان پوءِ جمع ڪرايو ويندو: نيب

ڪوشش هوندي ته سومر جي ڏينهن سمورن 80 ريفرنسز جي جاچ مڪمل ڪئي وڃي

اسلام آباد (م ڊ) قومي احتساب بيورو (نيب) طرفان ٻن ڏينهن دوران 44 ريفرنسز جو رڪارڊ اسلام آباد جي احتساب عدالتن ۾ جمع ڪرايو ويو آهي. تفصيل موجب اڄ نيب جي هفتيوار موڪل هجڻ سبب وڌيڪ ريفرنسز جو رڪارڊ احتساب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اليڪشن رولز جي 18 شقن ۾ ترميمون، 5 نوان فارم به جاري

سياسي جماعتون ترميم ڪيل شقن تي 15 ڏينهن اندر اعتراض جمع ڪرائي سگهن ٿيون: اليڪشن ڪميشن

چونڊن جي خرچن لاءِ بينڪ اڪائونٽ بابت رولز به تبديل ڪيا ويا آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن اليڪشن رولز جي 18 شقن ۾ ترميمون ڪري ڇڏيون، 5 نوان فارم به جاري ڪيا ويا آهن. اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بجلي وڌيڪ 3 رپيه 28 پئسا في يونٽ مهانگي ڪري ڇڏي

نيپرا طرفان بجلي 3 رپيا 28 پيسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جو نوٽيفڪيسن جاري ڪيو ويو

بجلي اگهن ۾ اضافو ته ماهي فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪيو ويو آهي: نوٽيفڪيشن

فيصلو نگران وفاقي سرڪار ڏانهن موڪليو ويو آهي، جنهن جي منظوري بعد اضافي اگهه لاڳو ٿيندا

اسلام آباد (م ڊ) نيپرا 3 رپيا 28 پيسا في يونٽ بجلي مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. نيپرا طرفان بجلي 3 رپيا 28 پيسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جو نوٽيفڪيسن جاري ڪيو ويو نوٽيفڪيشن موجب بجلي اگهن ۾ اضافو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ن ليگ پاران قائد نواز شريف جي ڏيهه واپسي کان اڳ لاهور ۾ 7 جلسا ڪرڻ جو فيصلو

سڀني جلسن سان پارٽي جي چيف آرگنائيزر مريم نواز ۽ نائب صدر حمزا شهباز خطاب ڪندو

پهريون جلسو اين اي 123 ۽ اين اي 124 ۾ گڏيل طور ڪيو ويندو، ٻيو جلسو نواز شريف جي ابائڻي تڪ اين اي 125 ۽ اين اي 126 ۾ ٿيندو

ن ليگ جو ٽيون جلسو اين اي 127 ۽ اين اي 128 ۾ ٿيندو، جڏهن ته اين اي 135 ۽ اين اي 136 جو الڳ جلسو ڪيو ويندو

لاهور (م ڊ) ن ليگ پنهنجي قائد نواز شريف جي ڏيهه واپسي کان اڳ لاهور ۾ 7 جلسا ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو جلسن جي شيڊيول جو ٽاسڪ لاهور جي صدر سيف کوکر کي ڏنو ويو آهي. سڀني جلسن سان پارٽي جي چيف آرگنائيزر مريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان تعليم وارو نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي ملاقات ڪري رهيو آهي

پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي لاءِ پيتو وٺندڙ سرگرم ڪارڪن گرفتار، ڇرڪائيندڙ انڪشاف سامهون اچي ويا

ڳجهن اطلاعن جي بنياد تي پابندي مڙهيل تنظيم جي لاءِ پيتو وٺندڙ سرگرم گروپ جي ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار ڪيل تنظيم جا ڪارڪن ڪافي وقت کان مختلف طريقن سان ٽي ٽي پي کي پيتوڏئي مدد ڪندا هئا

جوابدارن ٽي ٽي پي جي ڪمانڊر جي افغانستان ۾ موجودگي جي به تصديق ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) ٽي ٽي پي جي لاءِ پيتو وٺندڙ سرگرم گروپ جي ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن جاچ دوران ڇرڪائيندڙ انڪشاف ڪيا آهن. سيڪيورٽي ادارن ٽي ٽي پي جي خلاف وڏي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي. ڳجهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي لاءِ پيتو وٺندڙ گرفتار ڪيل پوليس حراست ۾ بيٺل آهن

عدالت پاران ٻارڙي حسينہ ڪوسو جي قبر ڪشائي جو حڪم

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد جي عدالت زيادتي بعد قتل ڪيل ٻارڙي حسينہ ڪوسو جي قبر ڪشائي جو حڪم ڏئي ڇڏيو. عدالت پوسٽ مارٽم ۾ لاپرواهي جي الزام هيٺ آيل ڊاڪٽر ٽيم، سول سرجن، پوليس سرجن ۽ ايم ايس خلاف ڪارروائي جي به هدايت ڪئي آهي. سول جج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: ٻرون ذريعي منشيات اسمگلنگ ڪندڙ هڪ ٻيو گروهه گرفتار

نئين نارڪوٽڪس فورس پنجاب رينجرز سان گڏجي بدين چيڪ پوسٽ لاهور وٽ گڏيل ڪارروائي ڪئي

خانيوال جي رهواسين 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري 2 گاڏين مان 6 ڪلو هيروئن ۽ هڪ ٻرون هٿ ڪيو ويو

لاهور (م ڊ) اينٽي نارڪوٽڪس ۽ رينجرز ڪارروائي ڪندي ٻرون اسمگلنگ ڪندڙ هڪ ٻئي گروهه کي گرفتار ڪري ورتو آهي. اي اين ايف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

وڏي وزير جي قلندر تي حاضري، ترقياتي ڪم تيز ڪرڻ جو حڪم

سيوهڻ (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير رٽائرڊ جسٽس مقبول باقر سيوهڻ جو دورو ڪيو ۽ قلندر جي درگاهه تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي. نگران وڏي وزير اڙل واهه جو دورو ڪري بحالي واري ڪم بابت بريفنگ ورتي. وڏي وزير رٽائرڊ جسٽس مقبول باقر سيوهڻ جي عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ جو دورو به ڪيو. وڏي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور: جماعت اسلامي جا اڳواڻ مهانگائي خلاف گورنر هائوس اڳيان ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

اسان چونڊن لاءِ تيار آهيون، اسان هميشه چونڊون وڙهون ۽ کٽيون آهن: سراج دراني

اسان کي اليڪشن ڪميشن جي فيصلي تي اعتراض آهي

اليڪشن ڪميشن چونڊن جي تاريخ نه پر صرف مهيني ڏني آهي

سنڌ اسيمبلي اسپيڪر آغا سراج دراني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني چيو آهي ته اسان کي اليڪشن ڪميشن جي فيصلي تي اعتراض آهي. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته اليڪشن ڪميشن چونڊن جي تاريخ نه پر صرف مهيني ڏني آهي، اسان چونڊن لاءِ تيار آهيون، اسان هميشه چونڊون وڙهون ۽ کٽيون آهن. آغا سراج دراني جو چوڻ آهي ته اسان چونڊون وڙهندا رهيا آهيون، بينظير شهيد جي دور ۾ پنجاب مان سوئيپ ڪيو، منهن ٽرڙ ڳالهيون سياسي گيمنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

نگران حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بدران معاشي مسئلن ۾ اضافو ڪري رهي آهي: امتياز شيخ

بجلي جي اگهن ۾ اضافو ناقابل برداشت ٿي ويو آهي،فيول ايڊجسٽمينٽ جي نالي تي بجلي جي اگهن ۾ واڌ سان عوام جي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي

ڏ وفاق کي متبادل توانائي ۽ ٻين ذريعن کان سستي بجلي فراهم ڪري ٿي،ان جي بدلي ۾ وفاقي حڪومت عوام کي مهانگي بجلي ڏئي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي توانائي واري صوبائي وزير امتياز شيخ چيو آهي ته نگران حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بدران معاشي مسئلن ۾ اضافو ڪري رهي آهي. امتياز شيخ بجلي جي اگهن ۾ واڌ تي سخت ردعمل جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لاهور ۾ تيز برسات سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا

هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا جنهن کان پوءِ واسا ۽ ضلعي انتظاميه جون ٽيمون پاڻي ڪڍڻ ۾ مصروف

ڪيترن ئي ڪلاڪن کان لاڳيتو برسات جي نتيجي ۾ جوهر ٽائون، گلبرگ، گارڊن ٽائون ۾ پاڻي جمع ٿي ويو

گلشن راوي، رستم پارڪ ۾ برسات جو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي ويو برسات کان پوءِ ضلعي انتظاميه ۽ واسا جي ٽيمون کي فيلڊ ۾ متحرڪ ڪيو ويو

لاهور (م ڊ) صوبائي گادي واري شهر ۾ طوفاني برسات سبب شهر جا هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا. گڏريل ڏينهن لاهور ۾ شروع ٿيندڙ تيز برسات اڄ صبح تائين جاري رهي جنهن سبب ڪيترن ئي هنڌن تي پاڻي جمع ٿي ويو جڏهن ته هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا جنهن کان پوءِ واسا ۽ ضلعي انتظاميه جون ٽيمون پاڻي ڪڍڻ ۾ مصروف آهن ڪيترن ئي ڪلاڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سکر ۾ گئس سلينڊرز ڌماڪو، زخمي ٿيل ٻارڙي فوت

ڌماڪي ۾ زخمي ٿيل ٻارڙو شهريار پيو به زندگيءَ جي جنگ هارائي ويٺو

ڌماڪي دوران سڙي زخمي ٿيل جميل ۽ نعيم به گمبٽ جي گمس اسپتال ۾ دم ڏنو

سکر (رپورٽر) سکر ۾ ايل پي جي دڪان ۾ گئس سلينڊرز جي ڌماڪي ۾ زخمي ٿيل ٻارڙو شهريار پيو به زندگيءَ جي جنگ هارائي ويٺو. جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

فاطمہ قتل ڪيس: فياض شاهه 5 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

جوابدار فياض شاهه ۽ جوابدار منصور بٽ کي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

پوليس طرفان 14 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي هئي ٻنهي جوابدارن کي سخت سيڪيورٽي ۾ ٿاڻي منتقل ڪيو ويو

مقتول فاطمہ جي وارثن جي خدشن تي خانواهڻ جي ايس ايڇ او کي معطل ڪيو آهي: ايس ايس پي عابد بلوچ

خيرپور (رپورٽر) راڻيپور ۾ تشدد ڪري ماريل معصوم ٻارڙي فاطمہ قتل ڪيس جي جوابدار فياض شاهه سميت ٻن جوابدارن کي 5 ڏينهن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

خيرپور: جوابدار فياض شاهه ۽ جوابدار منصور بٽ کي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ آندو پيو وڃي

نوجوانن ۾ خودڪشي جو رجحان خطرناڪ حد تائين وڌي رهيو آهي: ڊاڪٽر سعد خالد نياز

سماج کي نفسياتي پريشانين ۾ مبتلا ماڻهن کي سمجهڻ ۽ انهن جي مدد ڪرڻ جي ضرورت آهي

سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي عوام ۾ ڪو به فرق نه آهي، خودڪشي جو وڌندڙ رجحان انتهائي ڳڻتي جوڳو آهي

جيڪي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا يا ارادو ڪن ٿا انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ تمام ضروري آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صحت، سماجي ڀلائي ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ واري نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز چيو آهي ته سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي عوام ۾ ڪو به فرق نه آهي. خودڪشي جو وڌندڙ رجحان انتهائي ڳڻتي جوڳو آهي ان کي روڪڻ انتهائي ضروري آهي. جيڪي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا يا ارادو ڪن ٿا انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ تمام ضروري آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاڙڪاڻي مان پيٽرول پمپ مئنيجر مبينا طور اغوا

لطف علي ڪنهن ڪم سانگي لاڙڪاڻي آيو هو گذريل ڏينهن کان گم ٿي ويو

گم ٿي ويل لطف علي جي ڪار ذوالفقار باغ مان لاوارث حالت ۾ هٿ آئي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي مان قمبر سعيد خان واسي پيٽرول پمپ مئنيجر مبينا طور اغوا ٿي ويو آهي لطف علي مگسي جي وارثن جو چوڻ آهي ته لطف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سائفر ڪيس: عمران خان جي ضمانت واري درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار اينڊڙ هفتي جي ڪاز لسٽ جاري ڪري ڇڏي

چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عامر فاروق ٻڌڻي ڪندو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سائفر ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي ضمانت واري درخواست ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪري ڇڏي آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار اينڊڙ هفتي جي ڪاز لسٽ جاري ڪري ڇڏي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: سنڌ جي صحت، سماجي ڀلائي ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ وارو نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز تقريب کي خطاب ڪندي

نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊرگس، اوور پرائسنگ، ايڪسپائرڊ ۽ سيونگ ڊرگز جي ذخيره ڪندڙن خلاف ٻئي ڏينهن به ڪارروايون جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڏکڻ ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر لياري، اسسٽنٽ ڪمشنر سول لائن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر گارڊن سان گڏ ڊرگ ڪنٽرول ايڊمنسٽريشن جي ٽيم ۽ مقامي پوليس ڏکڻ ضلعي ۾ ڪارروايون ڪري رهيا آهن. جنهن دوران 20 ميڊيڪل اسٽورن تي 1 لک 80 هزار رپيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ملڪيت لاءِ پٽ جيئري پيءُ کي مئل قرار ڏئي ڇڏيو

مئل قرار ڏيڻ تي 88 ورهين جو پيءُ بيماري جي حالت ۾ پاڪستان پهچي ويو

برٽس نيشنل پيءُ عدالت ۾ بيان قلمبند ڪرايو ته "مان جيئرو آهيان"

جهلم (م ڊ) پنجاب جي شهر جهلم ۾ ملڪيت قبائڻ لاءِ حقيقي پٽ برٽس نيشنل پيءُ کي مئل قرار ڏئي ڇڏيو، مئل قرار ڏيڻ تي 88 ورهين جو پيءُ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

بجلي چوري خلاف آپريشن: 7 ارب روپين کان وڌيڪ وصول ڪرڻ جي دعويٰ

بجلي چورن کان 7 ارب 88 ڪروڙ 90 لک روپيه وصول ڪيا ويا آهن ۽ هينئر تائين 2301 بجلي جا چور گرفتار ڪيا ويا

بجلي چورن جي خلاف 15 هزار 47 ايف آءِ آرز داخل ٿي چڪيون آهن: توانائي بابت سيڪريٽري

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ بجلي جي چورن خلاف آپريشن دوران هينئر تائين 7 ارب کان وڌيڪ جي وصولين جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ٽوئيٽر تي بجلي بابت سيڪريٽري راشد لنگڙيال بجلي چوري جي خلاف آپريشن جا انگ اکر پيش ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جهڏو ويجهو ڪنڀاڻ مائنر اٿلي پئي، ديهه 205 جا درجنين ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ٻڏي ويا

ڳوٺاڻن جا سوين گهر ۽ هزارين ايڪڙن تي بيٺل فصل ٻڏي تباهه ٿي ويو، رهواسين پاران احتجاج

ناصر آباد ۾ ڳوٺاڻن محمد اڪرم آرائين، انور راجپوت، حڪيم لغاري جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو ويو

هزارين ايڪڙن تي بيٺل مرچ، ڦٽي، ڪمند، ٽماٽو، ٻاجهين جا فصل پاڻي هيٺ اچي ٻڏي تباهه ٿي ويا: مظاهرين

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ويجهو ڪنڀاڻ مائنر اٿلي پئي. ناصر آباد جي ديهه 203 ۽ 205 جا درجنين ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ٻڏي ويا. ڳوٺاڻن جا سوين گهر ۽ هزارين ايڪڙن تي بيٺل فصل ٻڏي تباهه ٿي ويو. متاثر ڳوٺاڻن جو ناصر آباد مين روڊ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جهڏو: ڪنڀاڻ مائنر اوور ٽاپ ٿيڻ سبب ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي وڃڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪندي

ڪٽڙ لڳ سيري ٿاڻي جي حد

مين ٽنڊو محمد خان روڊ تان

هٿياربندن جي ڦر

حيدرآباد (رپورٽر) ڪٽڙ لڳ سيري ٿاڻي جي حد مين ٽنڊو محمد خان روڊ تان ڪيٽل ڪالوني پرسان لا جي شاگرد امجد حسين بروهي ۽ ساجد بروهي کان ٻه نامعلوم ڦورو هٿيارن جي زور تي 1 عدد موٽرسائيڪل ٻه موبائيل فون ۽ ڪيش رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا. تفصيل موجب گذريل رات 10 بجي لا جو شاگرد امجد حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪراچي سچل ٿاڻي جي پوليس پاران بااثر جي چرچ تي ڳوٺ تي چڙهائي، 5 پورهيت گرفتار

بااثر جي چرچ تي سچل ڳوٺ نرسري تي چڙهائي ڪري پنجن پورهيتن کي پوليس گرفتار ڪيو

پنجن پورهيتن کي بيگناهه ڪنهي ڪٺي وئي جن کي بعد ۾ پوليس رشوت وٺڻ عيوض آزاد ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سچل ٿاڻي جي پوليس جي بااثر جي چرچ تي سچل ڳوٺ نرسري تي چڙهائي ڪري پنجن پورهيتن ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن بنا ڪنهن وقفي سهولتون ڏئي ٿي: صلاح الدين احمد

پاڻي سياسي بنيادن تي نه عوامي بنيادن تي فراهم ڪندي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ڪنداسين

اجلاس دوران سي اي او واٽر ڪارپوريشن پاران وفد کي سمورين شڪايتن جي فوري حل جو يقين ڏياريو

نئين عزم ۽ نئين سڄاڳپ سان گڏ شهرين جي پورهيو خدمت ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن شهرين کي بنا ڪنهن ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي: واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي ڪرايل گڏجاڻي جو ڏيک

نري ميرواهه ۾ رحمت العالمين

حضرت محمد صلي الله عليه وآله

وسلم جي آمد تي ريلي

نري ميرواهه (رپورٽر) نري ميرواهه ۾ رحمت العالمين حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي آمد تي ريلي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نياڻي ۽ اسان جي قتل ٿي آهي نوجوان ٻه اسان جا گرفتار ڪيا ويا آهن: نوشهروفيروز ۾ احتجاجي مظاهرو

نوشهروفيروز پوليس بااثر قاتلن کان رشوت وٺي کين آزاد ڪري ڇڏيو آهي: ڳوٺ مولبداد مري جا رهواسي

خير محمد- مرتضي- سيفل- مولا بخش- وحيد مري بيگناهه نياڻي فهميده کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو هو

صاف شفاف انڪوائري ڪرائي قاتلن کي گرفتار انصاف ڏياريو وڃي نه ته ايس ايس پي آفيس ڌرڻو هنيو ويندو: چتاءُ

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) نياڻي ٻه اسان جي قتل ٿي آهي نوجوان ٻه اسان جا گرفتار ڪيا ويا آهن نوشهروفيروز پوليس بااثر قاتلن کان رشوت وٺي کين آزاد ڪري ڇڏيو آهي ڳوٺاڻن جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج صاف شفاف انڪوائري ڪرائي انصاف ڏيارڻ جو مطالبو نانگو شاهه موري پرسان ڳوٺ مولبداد مري سان تعلق رکندڙ 3 مهينا اڳ بيدردي سان قتل ٿيل عورت مسمات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

فاطمه قتل ڪيس جي فريادي شبنم ڦرڙو کي قتل جون ڌمڪيون ڏيندڙ ايس ايڇ او خانواهڻ معطل

ايس ايس پي عابد علي بلوچ ميڊيا ۾ آيل خبرن جو نوٽيس وٺندي عبدالغني دايو کي معطل ڪيو

سب ڊويزنل پوليس آفيسر امداد علي سولنگي کي ڌمڪيون ملڻ جي انڪوائري لاءِ مقرر ڪيو ويو

خانواهڻ عبدالغني دايو مون کي اغوا ڪرڻ ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي: شبنم ڦرڙو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) فاطمه قتل ڪيس جي فريادي شبنم ڦرڙو کي قتل جون ڌمڪيون ڏيندڙ ايس ايڇ او خانواهڻ معطل ايس ايس پي نوشهروفيروز عابد علي بلوچ ميڊيا ۾ آيل خبرن جو نوٽيس وٺندي فاطمه جي ماءُ ۽ فاطمه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز: ايس ايس پي پاران معطل ڪيل ايس ايڇ او خانواهڻ عبدالغني دايو

گهوٽڪي ۾ نوجوان ليڪڪ

سليم فضل ڪلهوڙو کان ڦر،

اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي ۾ نوجوان ليڪڪ سليم فضل ڪلهوڙو کان ڦر، اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، ڌاڙيلن جي گرفتاري لاءِ صحافين ۽ سول سوسائٽي پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو جوابدار گرفتار ڪرڻ جي گهر، احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي سيد غضنفر شاهه بخاري، عبدالرئوف پارس دايو، اياز لطيف دايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

شاگردن جون ڊگريون روڪڻ وارو عمل غير قانوني ۽ عدالت کان متانهون فيصلو آهي: جلال شاهه بخاري

يونيورسٽي ۾ ثقافتي ڌاڙو ملهائڻ جي ڏوهه ۾ اسانجي ساٿين جيل ڀوڳي عدالتن ۾ بري ٿي آيا آهن

ارسلان آريسر سميت ٻين مختلف شاگرد تنظيمن جي تقريبن 10 شاگردن جون ڊگريون روڪيون ويون آهن

يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ۽ لاڳاپيل اختيارين معاملي جو نوٽيس وٺي شاگردن کي فوري ڊگريون جاري ڪن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مرڪزي صدر سيد جلال شاهه بخاري ۽ سيڪريٽري جنرل چام آڪاش ڏيڏڙ پنهنجي پريس بيان ۾ چيو آهي آهي ته سنڌ يونيورسٽي انتظاميا طرفان شاگردن جون ڊگريون روڪڻ وارو عمل غير قانوني ۽ عدالت کان متانهون فيصلو آهي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته يونيورسٽي ۾ ثقافتي ڌاڙو ملهائڻ جي ڏوهه ۾ اسانجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

پريا سٽي ويجهو روهڙي ڪئنال پل قاسم ڪاهي ۾ پوليس پاران ڪارروائي، هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعوي

ميمڻ ۽ شهواڻي ڌرين ۾ 63، ايڪڙ زرعي زمين جي قبضي واري معاملي تان پوليس ڪارروائي ڪري هٿيار هٿ ڪيا

پوليس پاران 2 عدد ريپيٽر، هڪ جي ٿري رائيفل، مارڪ فائيو، 30 ڪارٽوس وڏي تعداد ۾ گوليون پڻ هٿ ڪيون آهن

جوابدار بااثر آهن سندن خلاف ڪارروائي ڪري کين جلد گرفتار ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي: فخرالنسا شهواڻي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پريا سٽي ويجهو روهڙي ڪئنال پل قاسم ڪاهي ۾ پريا پوليس ٻن ڌرين ميمڻ ۽ شهواڻي ڌرين ۾ 63، ايڪڙ زرعي زمين جي قبضي واري معاملي تان پريا سٽي پوليس ڪارروائي ڪندي قبضي واري مورچي مان غير قانوني هٿيار جن ۾ 2 عدد ريپيٽر، هڪ جي ٿري رائيفل، مارڪ فائيو، 30 ڪارٽوس وڏي تعداد ۾ گوليون پڻ هٿ ڪيون آهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهروفيروز: پوليس گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ ڪيل هٿيار پيل آهن

نواب شاهه جي علائقي تاج

ڪالوني جي رهواسي پاران بااثرن

خلاف احتجاجي مظاهرو

نواب شاهه (رپورٽر) نواب شاهه جي علائقي تاج ڪالوني جي رهواسي غلام حيدر لاشاري نواب شاهه پريس اڳيان احتجاج ڪندي ڏانهنيو آهي ته نياز خاصخيلي فياض خاصخيلي رحيم بخش خاصخيلي ۽ ٻيا ناجائز مون سان وڙهيا آهن ۽ مون تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي هئي جنهن سبب مان 17 ڏينهن جيل ڪاٽي آهي ان چيو ته مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

يوسي جهمپير جي ڪيٽرن ٽي ڪوهستاني ڳوٺن کي نئين ڪيل تڪبندين بعد ڪٽ

جنگهڙي ۾ شامل ڪرڻ واري عمل توڙي ۽ سمورين بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ گڏجاڻي ٿي

ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿيڻ سان گڏ نه ڪوهستاني ڳوٺ پڪا ٿي سگهيا آهن ۽ نه سهولتون مليون

تڪبندين بحال رکڻ سميت ڳوٺ وڪيو جا ڪرو ۽ ڳوٺ محمود برفت ۾ پولنگ اسٽيشنون قائم ڪرڻ جي گهر

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) يوسي جهمپير جي ڪيٽرن ٽي ڪوهستاني ڳوٺن کي نئين ڪيل تڪبندين ۾ يوسي جهمپير مان توڙي يوسي جنگهڙي ۾ شامل ڪرڻ واري عمل توڙي ڪوهستان واسين کي سمورين بنيادي سهولتون مهيا ڪري بند پيل اسڪول کولرائي معصوم ٻارڙن کي تعليم جهڙي زيور سان سنوارڻ لاءِ متاثر ڪوهستان واسين جو هڪ ڪٺ ڳوٺ حاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

بدين ۾ ناري مڙس جي غير موجودگي ۾ گهر اندر ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو

شادي شده ناري 20 ورهين جي رامي ڏي ڏاهيو ڪولهي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

پوليس ڳوٺ دليل خان چانديو پهچي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) 20 ورهين جي نوجوان شادي شده عورت مڙس جي غير موجودگي ۾ گهر اندر ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو تفصيل موجب گولاڙچي لڳ امام واهه شاخ جي ڳوٺ دليل چانديو ۾ شادي شده ناري 20 ورهين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڏڙو ۾ مهانگائي خلاف شهرين جو مرلي وڄائي زهريلا نانگ ڪڍي انوکو احتجاج

بدترين وڌندڙ مهانگائي خلاف عوام نانگ ڪڍي روڊن تي اچي ويو آهي: شهرين جو احتجاج

غلط پاليسين سبب عوام پنڻ تي مجبور آهي، مهانگائي ختم ڪري بک وگهي مرڻ کان بچايو وڃي

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ بدترين مهانگائي خلاف شهرين جو مرلي وڄائي زهريلا نانگ ڪڍي انوکو احتجاجي مظاهرو، حڪمرانن جي پاليسين خلاف نعرا، رپورٽ موجب ڏڙو ۾ بدترين وڌندڙ مهانگائي خلاف عوام نانگ ڪڍي روڊن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڏڙو: مهانگائي خلاف شهري مرلي وڄائي نانگ ڪڍي انوکو احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪردارن جي مضبوطي مؤثر مڪالما بازي ڪهاڻي ۾ نهايت ضروري آهي: سهيل پلي

جاندار ڪردار نگاري نثر ڪري ٿي ۽ سنڌس ڪهاڻي پڙهندڙ ٻه بلندي کي اهو مزو ڏئي ٿو

ڪهاڻيڪار لاءِ ڪهاڻي جي صنف جي سمورين گهرجن کي پورو ڪرڻ لازمي آهي: گڏجاڻي ۾ اظهار

سکر (بيورو رپورٽ) ڪردارن جي مضبوطي مؤثر مڪالما بازي ڪهاڻي ۾ نهايت ضروري آهي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر ۽ ڦهر جي پيل برسات ۾ لڪين غريب ماڻهن جا ڪري پيل گهر ٺهي نه سگهيا

هنڌس کي برسات متاثرين لاءِ گهر ناهي ڏنو ويو جنهن ملڻ باوجود خراب گهر ٺهي نه سگهيا

سابق حڪمران لاءِ انڊيا اليڪشن ۽ عوام جي دوران تي جڳهه ڏکيو امتحان هوندو: سماجي اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) گذريل سال ڦهر جي پيل برسات ۾ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

گورنمينٽ مخدوم ابوالحسن ٺٽوي بوائز هاءِ اسڪول مڪلي پاران سيمينار منعقد

ٻارن جي حفاظت ۽ تحفظ جي موضوع تي سيمينار ڊسٽرڪٽ سينٽر ٺٽو ۾ منعقد ڪيو ويو

اڄ ٻارن کي ذهني ۽ نفسياتي واقعات هڪ عالمي مسئلو آهي: بشارت الياس

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) گورنمينٽ مخدوم ابوالحسن ٺٽوي بوائز هاءِ اسڪول مڪلي پاران ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو: گورنمينٽ مخدوم ابوالحسن ٺٽوي ۾ ڪرايل سيمينار جو ڏيک

سکر جي رستن جي حالت ۽ صفائي سٿرائي جي نظام ۾ ڪا به بهتري نه آئي آهي: مشرف محمود

مختلف علائقن مان نڪتل جلوس جي رستن سميت مختلف علائقن جا منظر خراب نظر اچي رهيا آهن

شهر جي گهٽين ۽ پاڙن ۾ گندگي جا ڍير ۽ لڳل آهن، گٽرجاٽيون به روز جو معمول بڻجي ويون آهن

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ پاڪستان جي صوبائي اڳواڻ ۽ اهلسنت تنظيمن جي چيئرمين مشرف محمود قادري پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته ڪمشنر سکر، ڊپٽي ڪمشنر سکر، ايڊمنسٽريٽر سکر، ميونسپل ڪمشنر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي هدايت تي ضلعي جي مختلف شهرن ۾ صفائي هلندڙ

چيف ميونسپل آفيسر ٺٽو سميت مڪلي ۽ گهارو جي ٽائون آفيسرن کي هدايتون جاري

تعلقن جي مختلف علائقن ۾ صفائي سٿرائي مهم جي شروعات ڪئي وڃي: اسد علي خان

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو ۽ ميرپور ساڪرو، چيف ميونسپل آفيسر ٺٽو سميت مڪلي ۽ گهارو جي ٽائون آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته هو پنهنجي تعلقن جي مختلف علائقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو: ڊي سي جي هدايتن تي عملو صفائي سٿرائي ڪري رهيو آهي

دادو ۾ سماجي تنظيم پاران مرغين جي سارسنڀال، انهن جي رهائش، کاڌ خوراڪ جو سامان تقسيم

معاشي وسيلو بڻائڻ ڪڪڙين جي ورڇ ۾ ڊاڪٽر بينجمن برڪت ۽ فيصل رضا شاهه سهڪار ڪيو

ورهاست دوران ڊاڪٽر نثار احمد لغاري، زندگي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي عمران ڪورائي شرڪت ڪئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ضلعي جي يونين ڪائونسل ڪمال خان ۾ ٻوڏ متاثر غريب خاندانن کي ذريعا معاش لاءِ ڪڪڙيون ڏنيون ويون جن جا ڪڪڙ ۽ روزي جو سامان تازو آيل ٻوڏ ۾ تباهه ٿي ويو انهن 200 خاندانن ۾ ريڊز پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

خانڳڙهه جي رهواسي پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي پاران احتجاجي مظاهرو

مسمات ببيل ڏيءُ قربان علي پنهنجي مڙس محمد عارف سان گڏجي مظاهرو ڪيو

پرڻو ڪيو آهي جنهن ڪانپوءِ اسان ٻئي خوشحال زندگي گذاري رهيا آهيون: مسمات ببيل

سکر (بيورو رپورٽ) پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي گهوٽڪي تعلقي خانڳڙهه جي رهواسي نوجوان قربان علي ۽ مسمات ببيل اعلي اختيارين کان تحفظ جو مطالبو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ ڳوٺ ملو ماڇي جي رهواسڻ مسمات ببيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين نيشنل پريس ڪلب بدين جي صدر نفيس ميمڻ ۽ پوليس ۾ تڪرار ختم

وڏو منشي حنيف پنهور، محمد علي چانڊيو، مشتاق جکرو ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا

انيس ميمڻ، غلام مرتضا ميمڻ ۽ نيشنل پريس ڪلب بدين جا عهديدار ۽ ميمبر هئا

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين جي صحافين جي جدو جهد رنگ لاتو پوليس اهلڪارن نيشنل پريس ڪلب پهچي صحافين سان معذرت ڪئي تفصيل موجب نيشنل پريس ڪلب بدين جي صدر خبرون ۽ خبرين اخبارن جي ضلع رپورٽر نفيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڏڙو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي وظيفي واري رقم نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڊوائيس هولڊر مافيا تي وڏي پئماني تي ڪٽوتي ڪرڻ سميت رقم جاري نه ڪرڻ جا الزام هنيا ويا

مختلف ڳوٺن کان آيل سوين مستحق عورتن پاران مين بس اسٽاپ روڊ ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو ويو

ايجنٽ مافيا 2 هزارن کان وڏيڪ ڪٽوتي ڪرڻ باوجود پئسن لاءِ رلائي رهيا آهن: مظاهرين جون ڳالهيون

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي وظيفي واري رقم نه ملڻ خلاف سوين مستحق عورتن پاران احتجاجي ڌرڻو، ڪراچي، ٽنڊو ڏڙو روڊ بند، ڊوائيس هولڊر مافيا تي وڏي پئماني تي ڪٽوتي ڪرڻ سميت رقم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڏڙو: بي آءِ ايس پي جي رقم مان ڪٽوتي خلاف مستحق عورتون احتجاج ڪري رهيون آهن

وارهه ۾ بااثر قبضا

مافيائن خلاف ڳوٺاڻي

طرفان احتجاجي مظاهرو

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه بااثر قبضه مافيائن خلاف ڳوٺاڻي طرفان احتجاج يوسي غيبي ديرو جي رهواسي عبدالغفار ٻرڙو طرفان تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج انصاف جي گهر گذريل چئن سالن کان بااثرن منهنجي موروثي زرعي تي قبضو ڪيو آهي متاثر ڳوٺ شهلاڻي ٻرڙو جو رهواسي عبدالغفار ولد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو ۾ رحماني نگر (سيتاروڊ) ريلوي اسٽيشن تي ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ٽرينن جي بحالي لاءِ فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 243 هين ڏينهن به احتجاج

سرتاج علي غلام سرور لاکو، شهزاد ميمڻ، قمرالدين ڇهواڻ 'غلام حسين ملڪ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ رحماني نگر (سيتاروڊ) ريلوي اسٽيشن تي ٽرينن جي بحالي لاءِ فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 243 هين ڏينهن به احتجاج ... سرتاج علي غلام سرور لاکو، شهزاد ميمڻ، قمرالدين ڇهواڻ 'غلام حسين ملڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوابشاهه ۾ ڇاتي جي ڪينسر ۽ عورتن جي ٻين بيمارين جي حوالي سان سيمينار منعقد

شهيد بينظير آباد جي ايجوڪيشن شعبي يونيورسٽي ڪيمپس ۾ آگاهي سيمينار جو انعقاد ڪيو

ڇاتي جي ڪينسر کان بچڻ جي ڪا به ضرورت ناهي هن بيماري جو علاج انسان کي ڏيڄاريندو آهي

بريسٽ ڪينسر جي روڪٿام ۽ علاج ۾ اهڙن جاڳرتا سيمينارن جي ضرورت آهي: ڊاڪٽر فريده فاروق وڳڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڇاتي جي ڪينسر ۽ عورتن جي ٻين بيمارين جي حوالي سان شهيد بينظير آباد جي ايجوڪيشن شعبي يونيورسٽي ڪيمپس ۾ آگاهي سيمينار جو انعقاد ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: ڇاتي جي ڪينسر جي حوالي سان ڪرايل سيمينار جو ڏيک

ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جو ضلعي

جي تعلقه اسپتال جو اوچتو دورو،

انتظامن جو معائنو

مٺي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جو ضلعي جي تعلقه اسپتال جو اوچتو دورو جاري ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

جمالي خاندان شرافت واري سياست ڪندي عوام جي خدمت ڪنداسين: سرفراز حيدر

شرافت واري سياست ڪندي پنهنجي علائقي جي غريب ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي

سياسي مخالف ڪجهه به ڪن مگر اسان کين سياسي پليٽ فارم تي جواب ڏينداسين

مورو ۾ سياسي انتقام وٺندي پوئتي ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو جي سياسي سماجي شخصيت جمالي خاندان جي چشم چراغ پنهنجي چاچا برڪ سياستدان مرحوم رئيس خان محمد خان جمالي جي سياسي مشن کي اڳتي کڻي هلڻ جو جذبو رکندڙ رئيس سرفراز حيدر جمالي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته جمالي خاندان هميشا شرافت واري سياست ڪندي پنهنجي علائقي جي غريب ماڻهن جي خدمت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪرپشن جي خاتمي واري ادارن کي متحرڪ انداز ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي: صلاح الدين شيخ

احتساب جي پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي، ته جيئن ملڪ کي وڌيڪ تباهي کان بچي سگهجي

تعلق ڪنهن به اداري يا ڪاتي سان هجي، انهن جي خلاف بي رحميءَ سان احتساب ڪيو وڃي

عوام دوست فيصلا ۽ ڪرپشن جي خاتمي لاءِ ڪوششون خوش آئين قدم آهن: جناح ويلفيئر اڳواڻ

سکر (رپورٽ اماد علي گل ڪلوڙ) جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن سکر جي صدر صلاح الدين شيخ چيو آهي ته ملڪ جي موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي نگران حڪومت ۽ آرمي چيف سميت ڪرپشن جي خاتمي واري ادارن کي متحرڪ انداز ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر: جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن جا عهديدار پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

اينٽي ڪرپشن گهوٽڪي جي

عدالت فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ جو

ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٽپيدار کي سزا

گهوٽڪي (رپورٽر) اينٽي ڪرپشن گهوٽڪي جي عدالت فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٽپيدار نظير احمد شيخ کي چار سال جي سزا ٻڌائيندي هٿڪڙيون هڻائي جيل موڪلي ڇڏيو، گهوٽڪي، اينٽي ڪرپشن گهوٽڪي جي عدالت عدالت ۾ اوباوڙو جي رهواسي فريادي ميان افتخار احمد جي درخواست تي ٻڌڻي شروع ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي فقيرا ڳوٺ جي رهواسين بجلي بندش خلاف رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

فقيرا ڳوٺ کان سوين ماڻهن سان گڏ 3 ڪلوميٽر پيادل پنڌ ڪري نعريبازي ڪئي وئي

آفيس جي سامهون سخت احتجاج ڪندي گلشن معمار روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

ڪنڊو سسٽم ناهي هر گهر جو ميٽر لڳل آهي ڳريون بلون موڪلي غريبن سان ظلم ڪري رهيا آهن

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) فقيرا ڳوٺ جي رهواسين بجلي بندش خلاف يوسي چيرمين چوڙي فاروق زمان، جنرل ڪائونسلر بادل خان جتوئي جي اڳواڻي ۾ فقيرا ڳوٺ کان سوين ماڻهن سان گڏ 3 ڪلوميٽر پيادل پنڌ ڪري نعريبازي ڪندي کي اليڪٽرڪ آفيس جي سامهون سخت احتجاج ڪندي گلشن معمار روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن ڪري اينڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

خانپور مهر ويجهو ڳوٺ حاجي سونو قاضي ۾ اسڪول جو ڪم رولڙي جو شڪار، احتجاج

گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي سونو قاضي جي استادن ۽ اسڪولي ٻارڙن احتجاجي مظاهرو ڪيو

ٺيڪيدار پچي وڃڻ خلاف استاد علي اصغر قاضي، بسنت ڪمار، افروز، ڪنيزه، ملوڪان ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم ڪندڙ ٺيڪيدار امان دايو ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ حاجي سونو قاضي ۾ قائم گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي سونو قاضي جي استادن ۽ اسڪولي ٻارڙن اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم ڪندڙ ٺيڪيدار پچي وڃڻ خلاف استاد علي اصغر قاضي، بسنت ڪمار، افروز، ڪنيزه، ملوڪان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙ شاگردن پاران ٺيڪيدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

خانپورمهر: ڳوٺ حاجي سونو قاضي اسڪول جا شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

ٻچيري شهر جي رهواسي اکين کان

معذور پيرسن محبوب سهتو پاران

بااثر خلاف احتجاج

نواب شاهه (رپورٽر) ٻچيري شهر جي رهواسي اکين کان معذور پيرسن محبوب سهتو پنهنجي گهرواري مسمات صفوران سهتو سان گڏ ٻالو جا قبا ٿاڻي جي پوليس اهلڪار خلاف نواب شاهه پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيون آهي ته ڪجه مهينا اڳ شيخ برادري جي ميوو شيخ، لطف شيخ، صمد شيخ، بابر شيخ ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر ۾ ربيع الاول جي مهيني جي آمد تي مسجدن، چوراهن ۽ گهٽين تي چراغان هلندڙ

اهلسنت سکر جي زير اهتمام شيخ شاهين روڊ سکر ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي

مشرف محمود قادري، امير مرڪزي جماعت اهل سنت صوفي عبدالشڪور قادري ۽ ٻيا شريڪ

خرم رضا قادري سميت ماڻهن ۽ عاشقان رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) ملڪ جي ٻين شهرن وانگر ربيع الاول جي مهيني ۾ به عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وآله وسلم عقيدت ۽ احترام سان ملهائيو پيو وڃي. مختلف هنڌن تي گنبد خضره جو جهنڊو لڳرايو پيو وڃي. شهر جي مسجدن، چوراهن ۽ گهٽين تي اهلسنت سکر جي زير اهتمام شيخ شاهين روڊ سکر ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي مهمان خاص مولانا مفتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 24 سيپٽمبر 2023ع

مهانگائيءَ تي ضابطو آڻيو!

مهانگائي نه دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به آهي پر اتي عوام کي ان کان بچائڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن ٿا. سنڌسڌي ڏني ٿي، پر اسان وٽ ته سمورو نقصان عوام مان پورو ڪيو وڃي ٿو. ملڪ ۾ مهانگائي ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. هي حالت ان حد تائين پهچي آهي، جو ماڻهن لاءِ جسم ۽ روح جو رشتو برقرار رکڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي. [illegible] مهانگائي 38.66 سيڪڙو جي رڪارڊ سطح تي پهچي وئي آهي. شمارياتي واري وفاقي اداري موجب هڪ هفتي دوران مجموعي طور تي 22 شين جي قيمتن ۾ واڌ ٿي آهي. [illegible] مستقل يا ڊگهي مدي واري معاشي رٿابندي جوڙي نه سگهيا آهن. ملڪ کي ايڊهاڪ جي بنياد تي هلايو پيو وڃي. هر حڪمران پاڻ کي صرف پنهنجي اقتداري مدي لاءِ ذميوار سمجهي ٿو ۽ ملڪي وسيلن جي استعمال لاءِ ڪا منصوبابندي جوڙڻ بدران قرض کڻي ملڪ هلائي ٿو ۽ وري بي حڪومت اچي خزاني خالي هجڻ جي واويلا ڪري نوان قرض کڻي ٿي. باقي کوٽ عوام مان پوري ڪئي وڃي ٿي. ان ڪري عوام تان بار گهٽايو وڃي. نهانگائي ختم ڪئي وڃي ته عوام لاءِ جيئڻ جا گس کلن.

ڊالر جي اصليت، امريڪا جي منافقي ۽ آئي ايم ايف

طفيل مگسي

[illegible]

تڙي طبيبنِ، گهايلُ گهران ڳڌيو؛
ڇڪيا ڇاڪَ ڇيهُون ڪري، ڪَڙيُون مور نہ ڪَنِ؛
دوستَ جي درسنَ سين، پئي ٿارُ ٿَپَنِ.

پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ ٻمن جهڙا سي اين جي سلينڊر

امر ساهڙ

ڪجهه ڏينهن اڳ مٺيءَ مان ڳوٺ اچڻ لاءِ ڪلوئي- بدين روٽ تي هلندڙ وين ۾ سفر ڪرڻ جو اتفاق ٿيو. وين 1960ع واري دور جي ڪنارا ڇڪڙن کان به ويل هئي. در، دريون پڳل. لاڪ ٽٽل. سيٽن جا نٽ بولٽ غائب. ڪوسنڌ سڄو ڪوند هئس. وين هلڻ ڪانپوءِ ايئن لڳو ڄڻ ڪنهن جڙي اٺ تي سوار هجون! سيٽ هيٺان پيرن ۾ پيل بم (سي اين جي سلينڊر) جنهن جي پبلڪ گاڏين ۾ روڊ ٽرانسپورٽ ڊپارٽيمينٽ ۽ سنڌ حڪومت طرفان سخت منع ٿيل آهي، اهڙو نوٽيفڪيشن به اداري پاران ئي جاري ٿيل آهي. پر انهيءَ تي عمل ڪير ڪرائي؟ چو ته قانون هتي رڳو ڪاغذن ۾ ئي نافذ هوندو آهي، عملي ميدان ۾ قانون جو ڪهڙو ڪم؟ اهڙين ناڪاره، ڪنارا گاڏين ۾ ماڻهو هيٺ، مٿي ڇت تي رڍن ٻڪرين وانگر سٽيل هوندا آهن. يا پويان لٽڪيل هوندا آهن. ۽ سي اين جي سلينڊرن ڦاٽڻ سان ماڻهن جي سڙي مرڻ يا زخمي ٿيڻ جا واقعا ٿيندا رهن ٿا. ضلعي آر. ٽي آفيسر ۽ ڊي سي طرفان ڀاڙن جي ڪا حد مقرر نه هئڻ ڪري ٽرانسپورٽرن جي مرضي آهي. جنهن کان جيترو ڪرايو وٺن ۽ جي ڪنهن غريب وٽ پورو ڀاڙو ناهي ته ڪيس رستي ۾، جتي وڻي اتي لاهي ٿا ڇڏين. ڪو به هنن کان پڇڻ وارو ڪونهي. نه ڪو آر. ٽي وارن کي انهن ڳالهين جي ڪا اوني آهي. نه ئي ٽريفڪ پوليس کي ڪا پرواهه! ڪرايا مقرر ڪرڻ، گاڏين جي رجسٽريشن ڏسڻ، روٽ پرمٽ چيڪ ڪرڻ، گاڏين جي فٽنيس ۽ ٽيڪس سميت سمورين قانوني گهرجون جاچڻ ٽريفڪ پوليس ۽ آر ٽي وارن جي ڊيوٽي آهي. پر هتي ڄڻ ته انهن ادارن لاءِ اهڙا قانون به "ڪانچا" ڪوليو ڇڏين.

ڀاڙو وٺندڙ ڪنڊيڪٽر کي چيم: "گاڏي هلايو سي اين جي تي ٿا ته پوءِ پيٽرول وڌڻ سان ڀاڙو چو ٿا وڌيڪ وٺو؟" وٽس اهوئي روايتي جواب هڪيو تڪيو هو ته "مهانگائي وڌي وئي آهي". چيومانس: "پبلڪ گاڏين ۾ سي اين جي سلينڊر رکڻ جي منع ٿيل آهي، ڪيئن پيا کڻي هلو؟" اهڙو ڪُڇي جهڙي پٽ! چيومانس: "وين جا در، دريون اکڙيا پيا آهن. نٽ بولٽ ڪونهي. گاڏي جو ڪم ڪرائي پوءِ چو نٿا روڊ تي نڪرو؟ هيترين انساني جانين جي اوهان وٽ ڪا اهميت ڪانهي؟" وري به اهڙو ڪُڇي جهڙي پٽ! چيومانس: "اهڙين گاڏين کي ته آثار قديما جي کاتي حوالي ڪرڻ گهرجي". ۾ همراهه چُپ! اوچتو رڙ ڪري چيائين. "استاد! اڳيان گاڏين جي چيڪنگ پئي ٿئي، گاڏي واپس ڪر" ڊرائيور چيس، "خير آهي، پوليس هوندي، ڪجهه ڪونه ڪندي".

ڦانگهاريو پوليس چيڪ پوسٽ تي وين پهتي ته اڳيان بيٺل آر. ٽي آفيسر ڊرائيور کي چيو. "گاڏي سائيڊ تي ڪري ماڻهو لاهي گاڏي بند ڪري بيهار". ان ٽي آفيسر اسان کان موبائيل وڊيو تي وڌيڪ ڀاڙي بابت راءِ ورتي. مون چيس ته، تيل 10 رپيا وڌي ٿو ته هي 20 رپيا ڀاڙو وڌائين ٿا. پر سڀ کان وڏي مصيبت هيءُ بم آهي. جنهن تي اسان کي ويهارين ٿا. اوهان جي اداري پبلڪ گاڏين ۾ سي اين جي سلينڊرن جي سخت منع ڪئي آهي. پر انهيءَ قانون جي خلاف ورزيءَ تي نه ڪو ٿا اوهان ڪا ڪارروائي ڪريو. نه ئي وري پوليس ٿي عمل ڪرائي. پوءِ اهڙا نوٽيفڪيشن ڪڍو چو ٿا؟" چيائين: "سائين! اوهان بي فڪر ٿي وڃو هاڻ ايئن ڪونه ٿيندو ۽ انهيءَ قانون تي باقاعدگيءَ سان عمل ٿيندو". خير قانون تي عمل ڪيترو ٿيو ۽ ٿيندو، ان جي پاڻ سڀني کي خبر آهي. ايتري ۾ هلڪي ڏاڙهي رکيل، پينٽ شرٽ پاتل هڪڙو خوبرو نوجوان اتي اچي بيٺو. جنهن کي مسلسل فون ڪالز اچي رهيون هيون. جن کي جواب ڏيڻ ۾ مصروف هو منهنجي ڀر ۾ بيٺل هو. تنهنڪري سندس ڳالهين مان اندازو لڳايم ته: ڪو ٿئون نوجوان آفيسر آهي. جنهن هر فون ڪندڙ کي چيو پئي: "بابا! گاڏيءَ جي رجسٽريشن جا ڪاغذ ٽيڪس وغيره چيڪ ڪرائي ڪليئرنس وٺي هليا وڃو. اوهين ليٽر تي يا ٽيڪس نه ڀريندڙ ۽ وڌيڪ ڀاڙو وٺندڙ گاڏيون چالان ٿينديون".

پوليس چيڪ پوسٽ جي چوڌاري بسن، ٽرڪن، ٽرالرن، هاءِ ليڪس گاڏين جون قطارون لڳل هيون. ڊرائيورن ۽ گاڏين جي مالڪن جي ڏک ڊرڙ ۽ ڦتڪو ڦتڪ ڏسڻ وٽان هئي ڪي تازو ڪرسين تان لٿل سياسي ڀوتارن کي پيا فون تي منٿون ڪن ته ڪي وري پوليس کي پيا ليلائين. پر پوليس وارا به ڪين اهو چئي هٿ کڻي ويا ته، "ابا! هيءُ اي سي سخت آهي. سواءِ اسان ڪجهه به نٿا ڪري سگهون. اوهان پاڻ پنهنجي جان ڇڏايو".

اي سي جو ٻڌي مون به سوچيو ته: ڪميشن پاس پڙهيو لکيو نوجوان آهي. ڪيس پبلڪ گاڏين ۾ عوامي اهنجن بابت آگاهي ڏجي، وس ۾ هوندس ته عوامي اهنجن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ضرور ڪندو. سو وٽس ويس. پاڻ پوليس چيڪ پوسٽ پرسان وڻ جي ڇانو ۾ ويٺل هو ساڻس گڏ اڌوٽ عمر جو هڪڙو هلڪي اڇي ڏاڙهي وارو آفيسر ويٺل هو جيڪو آر ٽي آفيسر هو وڃڻ سان ئي پنهنجو تعارف ڪرايم. ٽالي سان اي سي صاحب مون کي سڃاتو ٿي. سو نهايت ئي خنده پيشانيءَ سان مُرڪي مليو (اهو نوجوان اسسٽنٽ ڪمشنر سنجڻ ڪمار ترڪيو هو). مون ڪيس لوڪل گاڏين ۾ عوام سان ٿيندڙ ويڌن جي بيراٿي روئيداد ٻڌائي. چيائين: "سائين! جيڪي ڪجهه به وس ۾ هوندو. ضرور ڪبو اوهان اطمينان رکو. اسان کي اوهان جي رهنمائي جي ضرورت آهي." تيسين سندس ڀر ۾ ويٺل آفيسر چيو "سائين اوهان ليک آهيو ڀلي اسان تي تنقيد ڪريو پر ڪڏهن تعريف به ڪندا ڪريو ته اسان جي به دل خوش ٿئي". چيم: "سائين چڱو ڪم ڪندئو ته ضرور ساراهه ڪبي". چيائين: "هيترون گاڏيون جو بيهاريون اٿئون؟" چيم: "اهي اڄ ته بيهاريون اٿو پر صبح جو پوليس هنن جو نالو ئي ڪونه وٺندي ۽ ساڳي ماني ساڳ سان هوندي".

اتي بيٺل گاڏين مان ڪيترين چالان ٿيون. ڪيترين فون ڪرائي دٻاءَ وجهرائي آزاد ٿيون. سا ڪل ڪانهي ۾ ايترو ضرور ٿيو جو جيسين به ٽي ڪلاڪ اسين اتي موجود هُئاسين. سي اين جي سلينڊرن واريون وينون. ٽيڪس چور ۽ غير رجسٽر گاڏيون نه ڪو بدين کان ٿي آيون. نه ڪو مٺيءَ کان ٿي آيون. منهنجي وينتي آهي اي سي صاحب ۽ آر ٽي آفيسر صاحب کي ته هر هفتي ٿر جي هر ننڍي وڏي شهر جي هر ناڪي ۽ چوڪي تي هڪ، هڪ ڏينهن گاڏين جي چيڪنگ ضرور ڪن. ان سان نه رڳو عام مسافرن سان زيادتين کي ڪنهن حد تائين ٺپو ايندو پر سوين غير رجسٽر گاڏين کان ٽيڪس اوڳاڙي به ٿي سگهندي. بهرحال هنن ڪميشن پاس نوجوان آفيسرن ۾ نه رڳو ڪم ڪرڻ جو اسپرٽ موجود آهي ۽ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ئي سهي، پر خدمت جي جذبي سان به سرشار آهن.

بقايا 01

جاري ڪرڻ جي شروعات ڪري ڇڏي. ذريعن جو چوڻ آهي ته نگران آءِ ٽي واري وزير ڊاڪٽر عمر سيف فائيو جي جاري ٿيڻ بابت پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. آءِ ٽي وزارت جي ذريعن موجب فائيو جي، جي نيلامي سان حڪومت کي ڪروڙين ڊالرز ملي سگهن ٿا. اسپيڪٽرم جي نيلامي 10 مهينه بعد ٿيڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب پاڪستان جون موبائل ڪمپنيون هن وقت 367 ميگا هرٽز جي ويجهو اسپيڪٽرم استعمال ڪري رهيون آهن جڏهن ته ريفارمنگ سان دستياب اسپيڪٽرم جي نيلامي سان اهو ڪاٿو 600 ميگا هرٽز کان وڌيڪ ٿي ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته اسپيڪٽرم نيلامي سان صارفين جي نيٽورڪ بابت شڪايتون جو به فوري ازالو ٿي ويندو

بقايا 02

صفايو ٿي چڪو آهي. هن ڀيري پ پ سنڌ ۾ ڪلين سوئيپ ڪندي. پ پ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته ٻين صوبن مان به پاڪستان پيپلز پارٽي وڌيڪ سيٽون کٽندي. احتساب صرف مخصوص ماڻهن جو نه پر سڀني جو ٿيڻ گهرجي. منظور وسان وڌيڪ چيو ته منهنجي خيال ۾ نوازشريف ملڪ واپس ايندو. عوام کي وڌ کان وڌ ريليف ڏيڻ گهرجي. نگران حڪومت جو ڪم چونڊون ڪرائڻ آهي. مهانگائي سبب غريب عوام متاثر ٿئي ٿو ڪرپشن ڪندڙن جو احتساب ٿيڻ گهرجي. احتساب جي نالي تي سياسي انتقام نه ورتو وڃي.

بقايا 03

کي پنهنجو منشور اڳتي وڌائڻ ۾ سولائي ٿئي. هن چيو ته غير قانوني ڪرنسي ٽريڊ خلاف ڪريڪ ڊائون کي آءِ ايم ايف ساراهيو آهي، اها ڪارروائي جاري رکنداسين. نگران وزيراعظم چيو ته کنڊ ۽ ڪڻڪ مافيا خلاف ڪارروائي ڪري قيمتن ۾ هٿرادو واڌ تي ضابطو آڻي ورتو آهي، ڊالر جو اگهه به گهٽجڻ لڳو آهي. هن چيو ته چونڊن جي تاريخ جو جلد اعلان ڪيو ويندو، ڪنهن به سياسي جماعت کي سياست کان ناهي روڪيو پر 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون پٽاندڙ ڪارروائي ٿيندي. هن چيو ته جنرل اسيمبلي ۾ پاڪستان جو موقف ڀرپور نموني پيش ڪيو آهي، ڪشمير، موسمي تبديلين ۽ فلسطين جي حوالي سان پنهنجو موقف پيش ڪيو سندس دورو تمام گهڻو ڪامياب رهيو آهي، عالمي اڳواڻن سان ملاقاتون فائديمند رهيون. هرديپ سنگهه قتل بابت سندس چوڻ هو ته پاڪستان ٻن ڏهاڪن کان ڀارتي دهشتگردي جو نشانو بڻجي رهيو آهي، ڪئناڊا ۾ سک اڳواڻ جي قتل بعد ڀارت تي سنجيده نوعيت جا سوال اٿاريا پيا وڃن. ڪئناڊا ۾ ڀارتي قدمن سان اولهه وارن مُلڪ کي جهٽڪو لڳو آهي ۽ ڪئناڊا جي واقعي اولهه جون اکيون کولي ڇڏيون آهن. نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته پاڪستان هميشه افغانستان جي خودمختاري جو احترام ڪيو آهي، هو پنهنجي سرزمين جو دفاع ڪرڻ ڄاڻن ٿا. افغانستان سان تعميري ڳالهه ٻولهه ٿي رهي آهي. هن چيو ته ايراني صدر سان مختلف معاملن تي ڳالهيون ٿيون آهن. نگران حڪومت مهانگائي جي خاتمي لاءِ کنڊ ۽ ڪڻڪ مافيه خلاف ڪارروائي ڪئي آهي، هن وقت ملڪ ۾ اٽي، کنڊ ۽ ڪڻڪ جي کاڌ کوٽ نه آهي. جيڪو به قانون جي ڀڃڪڙي ڪندو ان خلاف سخت ايڪشن ورتو ويندو

بقايا 04

جون پتون پچي نه پر عدالت ۽ حڪومت جي اجازت سان ٻاهر ويو هو. واپس ايندو ته ان سان آئين ۽ قانون موجب سلوڪ ڪيو ويندو. مرتضيٰ سولنگي ڪراچي پريس ڪلب جي عهديدارن سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي صحافين نگران اطلاعات واري وزير کي مسئلن کان آگاهه ڪيو. صحافين سان ڳالهيون ڪندي مرتضيٰ سولنگي چيو ته آزاد صحافت تي يقين رکون ٿا. صحافين سان زيادتي تي خاموش نه رهنداسين. ملڪ ۾ چونڊون هجن يا نه هجن. پر ڪراچي پريس ڪلب ۾ چونڊون هميشه ٿينديون آهن. هن ڪلب مان سڀني کان وڌيڪ جمهوريت جي لاءِ آواز اٿاري وئي آهي. هن چيو ته صحافين جا بهبود اولين ترجيحات ۾ شامل آهن. اظهار جي آزادي لاءِ ڪراچي پريس ڪلب جو اهم ڪردار آهي. هن چيو ته نگران حڪومت گهٽ مدي جي لاءِ آئي آهي اسان کان صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ جيڪو ڪجهه به ممڪن ٿي سگهيو اهو ڪنداسين. نوازشريف جي ملڪ واپسي واري سوال تي مرتضيٰ سولنگي چيو ته نوازشريف 3 ڀيرا وزيراعظم رهيو آهي مون کي خبر نه آهي ته نوازشريف ڪهڙي عدالت سان رابطو ڪندو. انهن سوالن جو جواب نوازشريف کي پاڻ ڏيڻو آهي. ان حوالي سان وڌيڪ نٿو ڳالهائڻ چاهيان. نگران اطلاعات واري وزير چيو ته چونڊن بابت ڪجهه ماڻهن جي ذهن ۾ مختلف ڳالهيون آهن. عام چونڊن جي حوالي سان نگران حڪومت ڪنهن به پڌتر جو شڪار نه آهي. مرتضيٰ سولنگي چيو ته نگران حڪومت پنهنجي آئيني ذميواري پوري ڪندي. اليڪشن ڪميشن اعلان ڪيو ته جنوري ۾ عام چونڊون ٿينديون. حد بندين کان پوءِ جلد ئي چونڊن جي حتمي تاريخ ڏني ويندي. آزادانه ۽ شفاف چونڊن جي لاءِ اليڪشن ڪميشن کي سمورا وسائل ڏينداسين. هن چيو ته پاڪستان ۾ سمورين رجسٽر سياسي پارٽين کي چونڊن دوران برابر جا موقعا ڏنا ويندا. اسان کي ملڪي معيشت ۾ استحڪام آڻڻو آهي. اسان جو ڪم آهي ته ملڪ ڊيفالٽ طرف نه وڃي ۽ گرمي پد گهٽ کان گهٽ ٿئي. اسان کي قانونسازي جو اختيار نه آهي پر مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ جيڪو ڪجهه ڪري سگهياسين اهو ڪنداسين.

بقايا 05

هو جڏهن زمين تي قبضي جو اسڪينڊل سامهون آيو هو پر هاڻي ڪمشنر جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي آهي جيڪا گڏيل ڊجيٽل سروي ذريعي زمين حاصل ڪرڻ جي عمل کي مڪمل ڪندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڇنڇر ڏينهن سيوهڻ ۾ ڊي سي ڄام شورو جي ڪئمپ ۾ حيدرآباد ڊويزنل انتظاميا جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ آبپاشي واري وزير ايشور لعل، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، ڪمشنر ڪراچي خالد حيدر شاهه، سيڪريٽري آبپاشي نياز عباسي، سيڪريٽري ورڪس نواز سوهو، ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق ڌاريجو، سي اي او پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽڊ ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. ڪمشنر حيدرآباد خالد حيدر شاهه وڏي وزير کي حيدرآباد سکر موٽر وي (ايم _6) جي تعمير هيٺ ڪم جي اڳڀرائي بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ان جي ڊيگهه 396 ڪلوميٽر آهي جنهن ۾ حيدرآباد ڊويزن ۾ 105 ڪلوميٽر آهي. هن وڌيڪ چيو ته حيدرآباد ڊويزن ۾ ڪل 2428 ايڪڙ زمين جي ضرورت آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ايم _9 جي زمين حاصل ڪرڻ وارو عمل فنڊن جي غبن سبب عارضي طور تي روڪيو ويو آهي، اهم سڌارن کان پوءِ عمل نئين سر شروع ڪيو ويندو. ڪمشنر حيدرآباد جي ماتحت هڪ ڪميٽي ڊجيٽل ڪوآرڊينيٽس سان گڏيل سروي/تازو حد بندي مڪمل ڪئي آهي.

ڪمشنر چيو ته متياري جو صرف هڪ حصو مڪمل ٿيو آهي. ان تي وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته هو وفاقي حڪومت سان ڳالهائي ۽ ايم _6 تي معطل ٿيل ڪم کي ٻيهر شروع ڪري. وڏي وزير ڊويزنل انتظاميا کي هدايت ڪئي ته هو عام چونڊن ۾ سهولتن جي فراهمي تي زور ڏين ۽ بجلي چوري خلاف مهم کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي ۽ ذخيرو ڪرڻ ۽ منافع خورن خلاف پرائس ڪنٽرول آپريشن ڪيو وڃي. وڏي وزير ڊويزنل انتظاميه کي هدايت ڪئي ته زمين جي حصول سميت سمورن منصوبن جي تڪڙي تڪميل کي يقيني بڻايو وڃي، جنهن ۾ ٽريفڪ، شهري مرڪزن ۾ پارڪنگ جا مسئلا ۽ انفراسٽرڪچر جي بهتري خاص ڪري پارڪن ۽ راندين جي ميدانن جي بهتري کي يقيني بڻايو وڃي. هن انتظاميه تي زور ڀريو ته هو نيشنل ايمرجنسي ايڪشن پلان جي مطابق روٽين اميونائيزيشن پروگرامن ۽ پوليو جي خاتمي لاءِ سهڪار ۽ يقيني بڻائي. امن وامان: ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق ڌاريجو وڏي وزير کي امن امان بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سندس رينج ۾ 9 ضلعا آهن جن ۾ 42 پوليس سب ڊويزنون ۽ 156 پوليس اسٽيشنون آهن. 10 ايس ايس پيز سميت پوليس فورس جو ڪل تعداد 18529 آهي. درج ٿيل ڏوهن بابت ڳالهائيندي ڊي آءِ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ته ماڻهن خلاف ڏوهن جا 2761 ڪيس داخل ڪيا ويا جن ۾ 1883 جوابدارن جا چالان ڪيا ويا جن مان 33 جوابدارن کي سزا، 331 کي بري ۽ 1482 ڪيس التوا ۾ آهن. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته 2023ع دوران ملڪيتن خلاف ڏوهن جا 1908 ڪيس داخل ڪيا ويا جن مان 1124 جا چالان ڪيا ويا. عدالت 21 ڄڻن کي سزا ٻڌائي، 186 کي بري ڪيو ۽ 916 ڪيس اڃا التوا ۾ آهن. اهڙي طرح 5675 لوڪل ۽ اسپيشل لا ڪيس داخل ڪيا ويا جن مان 5454 کي چيلينج ڪيو ويو جن مان 259 کي سزا، 1356 تي بري ۽ 3636 ڪيس التوا ۾ آهن. وڏي وزير پوليس کي هدايت ڪئي ته سڄي حيدرآباد ڊويزن ۾ گٽڪا ۽ مين پوري جهڙي لعنت جي خاتمي لاءِ جامع حڪمت عملي تيار ڪئي وڃي. ڊي آءِ جي چيو ته هنن منشيات فروشن خلاف زيرو ٽالرنس جو مظاهرو ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سال 2023 ۾ گٽڪا مين پري ايڪٽ 2019 تحت 2701 ڪيس داخل ڪيا ويا ۽ 3924 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. اٽڪل رپيا 2793 ملين رپيا وصول ڪيا ويا آهن. آبپاشي: چيف انجنيئر ايريگيشن سردار شاهه وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سکر بئراج ڪمانڊ ايريا ۾ 361 ۽ ڪوٽڙي بئراج ڪمانڊ ۾ 110، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراج ڪمانڊ (ايل بي او ڊي) ۾ 110 ۽ گڊو بئراج ڪمانڊ ۾ 5 سميت 361 واهه آهن. جن جي ڊيگهه آهي 4970 ميل ۽ 2773 ڪلوميٽر RBOD_II تعمير هيٺ آهي. ڪيس ٻڌايو ويو ته موسمياتي تبديلي، ڪيرٿر رينج کان جبل سليمان جي بڪني رينج تائين بي مثال جبل طوفان، تيز برساتون جيڪي گذريل 62 سالن ۾ رڪارڊ ڪيل سڀ کان وڌيڪ آهن. درياهن ۾ تيزوهڪرا به شامل آهي. سنڌو درياهه جي صورتحال ۽ RBOD_III ۽ منڇر ڍنڍ جي نظام جي محدود گنجائش ۽ ان جي مٿان RBOD_II جو غير فعال ٿيڻ. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته سکر بئراج جي رائٽ بئنڪ ريجن لاڙڪاڻي ۾ شهباز ڊويزن ۾ 10 ڪم ڊسمبر 2023ع تائين مڪمل ڪيا ويندا. ٻوڏ کان متاثر گهر: سي اي او سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽس (ايس پي ايڇ ايف اي) خالد شيخ چيو آهي ته 2022ع جي سخت برساتن سبب صوبي جو 70 سيڪڙو حصو ٻڏي ويو ان ڪري حڪومت 30 مان 24 ضلعن کي ڊزاسٽر زون قرار ڏئي متاثر علائقن جو اعلان ڪيو آهي. مجموعي طور تي 12.36 ملين ماڻهو متاثر ٿيا ۽ 2.1 ملين گهر تباهه يا تباهه ٿيا. خالد شيخ چيو ته تباهه ٿيل گهرن مان 50 سيڪڙو سرڪاري زمين تي، 31 سيڪڙو خانگي زمين تي ۽ 19 سيڪڙو زمين تي آهن. ان ڪري سنڌ حڪومت سرڪاري زمين تي رهندڙ ماڻهن کي گهر ليز تي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڄامشوري ضلعي جي حوالي سان ڳالهائيندي خالد شيخ چيو ته 60 هزار 609 گهرن کي نقصان پهتو آهي، جن مان 30 هزار 319 سيوهڻ ۾، 15 هزار 577 ڪوٽڙي ۾ ۽ 4 هزار 715 ٿاڻو بولا خان ۾ آهن. سي اي او ايس پي ايڇ ايف وڏي وزير سان ڪي هڪ دلچسپ ڊيٽا شيئر ڪئي ته سنڌ ۾ 596,793 عورتن جي گهرن جي تعمير جي تصديق ڪئي وئي. انهن مان 121,817 بيواهون، 34,382 بيوس بزرگ عورتون، 4250 معذور مؤسن جون عورتون، ۽ 3020 طلاق ٿيل/ لاوارث/ غير شادي شده پوڙهيون عورتون جيڪي ٻين تي انحصار ڪندڙ هيون شامل آهن.. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته جون 2024ع تائين 6 لک گهر مڪمل ڪيا ويندا. وڏي وزير ولي گينجو جو دورو ڪيو جتي 60 گهر تعمير هيٺ آهن. هن گهر جي رهندڙ ماڻهن سان ملاقات ڪئي ۽ پوءِ سيوهڻ جي قلعي ۾ ٿيل هڪ تقريب ۾ انهن جي گهر جا دستاويز سندن حوالي ڪيا. دورو: وڏي وزير رورل هيلٿ سينٽر (آر ايڇ سي) اراضي جو اوچتو دورو ڪيو جتي مريضن سان ڳالهايو هن زندگي بچائيندڙ دوائن جي کوٽ ۽ اينٽي اسنيڪ سيرم ۽ اينٽي ريبيز ويڪسين جي عدم دستيابي تي ناراضگي جو اظهار ڪيو آر ايڇ سي ۾ 30 هزار ماڻهن جي آبادي آهي پر انهن جي ايڪسري مشين خراب هئي ۽ اسپتال جي حالت پڻ خراب هئي. ڪيس ٻڌايو ويو ته آر ايڇ سي جو انتظام پي پي ايڇ آءِ ڪري رهيو آهي ۽ چيف سيڪريٽري جيڪو ساڻس گڏ هو ان کي هدايت ڪئي ته هو پي پي ايڇ آءِ انتظاميا سان ڳالهائي ۽ مسئلا حل ڪري. وڏي وزير ڳوٺ غلام نبي چٽو کان هادي بخش چٽو ڳوٺ تائين 3.2 ڪلوميٽر جي تعمير هيٺ روڊ جو معائنو ڪيو جتي سيڪريٽري ورڪس نواز سوهو ڪيس ڪم جي رفتار ۽ معيار بابت بريفنگ ڏني. هن ولي ڳنجو ڳوٺ کي مين هاءِ وي سان ڳنڍيندڙ 2.4 ڪلوميٽر روڊ جو پڻ معائنو ڪيو وڏو وزير ارل واهه هيڊ پهتو جتي بحاليءَ جو ڪم هلندڙ هو هن آبپاشي سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته ڪم جي معيار ۽ بروقت مڪمل ٿيڻ کي يقيني بڻايو وڃي. سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي دوري دوران وڏي وزير ان جي ايمرجنسي، آءِ سي يو وينٽيليٽرز ۽ چئن آپريشن ٿيٽرن جو معائنو ڪيو ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو. اداري جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر معين الدين صديقي سگهان کي جاري رکڻ جي هدايت ڪئي. وڏي وزير سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي دوري جي شروعات ۾ ان جي ايمرجنسي، آءِ سي يو وينٽيليٽرز، سيهون جي دوري جي شروعات ڪئي، وقتي وڏي وزير مقبول باقر لعل شهباز قلندر جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي، خواني ۽ ان کانپوءِ ترقياتي ڪمن جو دورو ڪيو ۽ ڊي سي آفيس ۾ اجلاس جي صدارت ڪئي ۽ چئن آپريشن ٿيٽرن جو معائنو ڪيو ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو

بقايا 06

